سنڌ کي ڪئين ڏهاڪن کان 'ڏوهن جو ڏيهه' بنائڻ وارين ڪوششن ۾ وسان نه گهٽايو ويو آهي. تاريخ ۾ امن ۽ آشتيءَ، سانت ۽ سکون واري ساڻيهه جي سڃاڻپ رکندڙ سنڌ هن وقت 'بدامنيءَ جي پيونءِ' بڻجي ويئي آهي. سنڌ جو ڪچو ذاڑيلن جي ٽمر ۽ ٽاڪ بڻيل آهي، جتي انهن وٽ نه رڳو مغوي پر رياستي قانون به يرغمال بڻيل آهي. سنڌ ۾ هن وقت به تمام گهٽا ماڻهو ذاڑيلن وٽ قيد آهن ۽ روز روز اغوا جي نئين وارداتن ذريعي انهن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. اهي اتريان ضلعا جڏ ته ذاڑيلن کي مقاطعي تي ڏنل هجن! اتي نه رياستي قانون ٿو هلي، اتي ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ پوتاراڇي ڪاري جا مالڪ بڻيل آهن. پوليس جو ڪردار اتي رڳو ڪمداريءَ وارو بيهي ٿو. پوليس ڊپارٽمينٽ انهن ضلعن ۾ "ڊيل ڊپارٽمينٽ" واري سڃاڻپ وٺي چڪو آهي. جڏهن به ڪو ماڻهو اغوا ٿئي ٿو ته پوليس جي اها ڪوشش هوندي آهي ته ڏوهارين ۽ مغويءَ جي وارثن وچ ۾ ڪا "باعزت ڊيل" ٿي وڃي ته جيئن پوليس جو ڪم سهل ٿي پوي. جڏهن ڪو ڪيس هاءِ پروفائل ٿئي ٿو، عوامي احتجاج ٿين ٿا، پوليس تي دٻاءُ پوي ٿو ته پوءِ پوليس پوتارن جي درن تي نڪ رڳڙي آزيون ڪندي آهي ته جيئن مغوي بازياب ٿي وڃي. پر پوليس ان سڃي وقت ۾ ڏوهارين جو نالو به نه وٺندي آهي. ظاهر آهي ته پوليس عملدار، ضلعن جي ايس ايس پي کان ايس ايڇ او تائين سڀ انهن ٿي پوتارن جا مقرر ڪرايل هوندا آهن. اهي ڪيئن پوتارن ۾ هٽ وجهندا؟ جيئن ته پوليس عملدارن جون مقرريون سردارن ۽ پوتارن جي مرضيءَ موجب ٿين ٿيون ۽ پوليس رڳوانهن جو ڏهڻ، رعب ۽ تاب، شان ۽ شوڪت ۽ پروٽوڪول ۾ مصروف هوندي آهي. ڏوهه انهن پوتارن جي معيشت بڻيل آهن، جيڪي پوتار سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن. لڳي ائين ٿو ته حڪومت اهي ضلعا جڏ ته ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ پوتارن کي مقاطعي تي ڏيئي ڇڏيا آهن، جتي اهي اڇي ڪاري جا مالڪ آهن، ذاڑيلن جي مٿي تي به انهن جو هٿ آهي. اسان اڃ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته جيستائين قطع نظر انهن جي سياسي وابستگي جي، انهن پوتارن ۾ هٽ نڪو وڌو وڃي، تيستائين ڏوهن ۾ گهٽتائي ممڪن نه آهي.

اسان سنڌ جي منتظمين کي اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته فرحان سومري سميت ٻين معصوم مغوين کي ذاڑيلن جي قيد مان آزاد ڪرايو وڃي. مڪي جڳديش ۽ ٻيا مغوي به بنا دير آزاد ڪرايا وڃن. ذاڑيلن خلاف فوج ۽ رينجرز جي مدد سان فيصلاڪتو آپريشن ڪيو وڃي ته جيئن سنڌ جا ماڻهو سک جو ساهه کڻي سگهن.

سنڌ سان ٽيل ڊجيٽل فراڊ

نصير ميمڻ

ملڪ جي پهرين ڊجيٽل آدم ڳڻپ ان دعويٰ سان شروع ڪئي وئي ته، هي نهايت سائنسي ۽ شفاف ڳڻپ وارو طريقو هوندو، چوته ڊجيٽل هُجٽ سبب هن جي انگن اکرن سان ڪا به هٽ چراند نه ٿي سگهندي. مُون ڪراچيءَ ۾ سانا پاران ڪوٽايل ميڙاڪي ۾ اهو خدشو رکيو هو ته، ڊجيٽل هيرا ڦيري ته اجان به سولي شئي آهي، چو ته ان جي پٺيان ڪاغذي ثبوت نه هوندو. ان هيرا ڦيري کي رُڳو فرانزڪ آڊٽ وسيلي پکڙي سگهبو. جڏهن گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ وزيراعظم، چئني صوبن جا وڏا وزير هٽ ٽوڪيا جڙتو نتيجا قبول ڪري اُڏندا ته، پوءِ سوال ڪير ڪندو، جو ڪنهن آڊٽ جي نوبت اچي!

ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ ۾ منظور ڪيل نتيجا ڏسي اندازو ٿئي ٿو ته ڪهڙي طرح ناتڪي نموني صوبن جو مجموعي آباديءَ ۾ شيئر ايڊجسٽ ڪيو ويو ۽ سنڌ ۾ ڪهڙي طرح هڪ مخصوص گروهه ڪي وفاداري جو صلو ڏيڻ لاءِ انگن سان هٽ چراند ڪئي وئي، اهڙي طرح هي ڊجيٽل فراڊ مڪمل ڪيو ويو. هٽ جي صنائيءَ جو ڪمال اهو آهي ته، 2017ع ۽ 2023ع جي آدم ڳڻپ ۾ هر صوبي جو حصو سيڪڙي موجب هوبهو ساڳيو وڃي ٻيٺو.

سنڌ ڪي ٻڌايو ويو هو ته، 2017ع جي آدم ڳڻپ انڪري قبول نه هئي، جو ان سان سنڌ ڪي اين ايف سي ۾ جائز حصو نه پيو ملي ۽ اهو 2023ع جي آدم ڳڻپ ۾ حاصل ڪيو ويندو. هاڻي آدم ڳڻپ جي جنهن نتيجي تي صحيحون ڪيون ويون آهن، ان سان سنڌ ڪي ناڻي ورڇ ۾ ڪُجهه به وڌيڪ نه ملندو. البته بهراڙين جون اسيمبلين ۾ سيٽون ضرور گهٽجنديون.

هِيءَ آدم ڳڻپ شروع ٿي هڪ تڪراري ماحول ۾ ٿي هُئي، جو روايت موجب ڏهن ورهين بجاءِ هن پيري فرمائشي بنيادن تي اُن ڪي پنجن سالن اندر ڪرايو ويو. ان جي جيئن ته تياري اٺپوري هُئي، تنهن ڪري ان جو مدو مدو پنج پيرا وڌائڻو پيو. آخري به ٽي پيرا ته، نج سياسي فرمائش جي بنياد تي ان جو مدو وڌايو ويو. 16 مئي 2023ع تي ڳڻپ واري ڪانٽي باضابطه طور نوٽيفڪيشن جاري ڪري اهو اعلان ڪيو ته، ڳڻپ جو عمل مڪمل ٿي ڇُڪو آهي ۽ هاڻي رُڳو انگن جي ڇڪاس ۽ تصديق ڪئي ويندي. ان وچ ۾ اهي خبرون عام ٿي ڇُڪيون هُيون ته، ڪراچيءَ سان تعلق رکندڙ هڪ بليڪ ميلر گروهه اسٽيبلشمينٽ جي چوڻ تي گذريل حڪومت مان الڳ ٿي هاڻوڪي حڪومت جو حامي بڻيو هو، ان وزيراعظم ۽ ٻين اهم ادارن کي چيو ته، اسان کي وفاداري جي صلي طور ڪراچي جي آبادي وڌائي گهٽ ۾ گهٽ اڍائي ڪروڙ ڏني وڃي. جنهن کانپوءِ 16 مئي ۽ 5 آگسٽ وچ ۾ انگن سان هٽراڏو ڪيڏ ڪئي وئي. 16 مئي تائين ٽيل آدم ڳڻپ ۾ سنڌ جي مختلف ڊويزنن جا انگ ۽ آخري دفعو پڌرو ڪيل انگن جو فرق جدول نمبر هڪ ۾ ڏجي ٿو:

مٿين جدول مان ڇتي طرح نظر اچي ٿو ته 16 مئي ۽ پنج آگسٽ وچ ۾ جڏهن ته ڳڻپ جو عمل مڪمل ٿي چڪو هو، هٽراڏو طور ڪراچيءَ جي آبادي۽ ۾ 13 لک، 80 هزار جو واڌارو ڪيو ويو ۽ پوءِ صوبن جي باقي ڊويزنن ۾ 33 لک آبادي گهٽائي وئي. مجموعي طور صوبي جي آبادي 19 ڪان 20 لک گهٽائي وئي.

سنڌ جو وڏو وزيران کان اڳ آدم ڳڻپ جي انگن اکرن بابت ڪهڙي دعويٰ ڪندو رهيو، ان لاءِ 19 مئي جي انگريزي اخبارن ڈان ۽ دي ايڪسپريس ٽريبيون ۾ ڇپيل خبرون پڙهي ونو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پريس ڪانفرنس ۾ فرمايو هو ته.

اسان جي ڪائي موجب سنڌ جي آبادي ته، 6 ڪروڙ 44 لک ٻيهي ٿي پر سرڪاري طور ڪاٽو 5 ڪروڙ 76 لک لڳائي. اسان جي آباد 68 لک گهٽائي وئي آهي. هن اهو به چيو ته اها آدم ڳڻپ تڪراري بڻائي وئي آهي. حيرت جي ڳالهه آهي ته،

سنڌ جي وڏي وزير کي 19 مئي تي سنڌ جي 5 ڪروڙ 76 لک آبادي قبول نه هئي پر پاڻ 5 آگسٽ تي ان کان به 20 لک گهٽ يعني 5 ڪروڙ 56 لک آبادي قبول ڪري آيو.

ان تي ته ڪو به اعتراض نه واريائين. هِي آبادي ته سندس ڪٽيل آباديءَ کان 88 لک گهٽ ٿي ٻيهي، پوءِ هن اهي انگ اکر ڇو قبول ڪيا؟

هاڻي اچو ته ٽورو سنڌ جي ڪُجهه ضلعن جي آبادي۽ جي واڌ جا غير فطري انگ اکر ڏسي سمجهون ته ڪهڙي طرح ڪُجهه مخصوص ضلعن ۾ آبادي۽ جي واڌ هٽرادو طور ڊيڪاري وئي آهي. ڏسو جدول نمبر 2:

اهڙي طرح سنڌ جا باقي سمورا ضلعا ڪراچيءَ جي انهن ٻن ضلعن کان واڌ جي شرح ۾ گهڻو پٺتي آهن. ياد رهي ته، ٻئي ضلعا آباديءَ سان ڳٽيل شهري علاقا آهن. ڏُنيا کي خبر آهي ته. آبادي۽ ۾ واڌ بهراڙين ۾ وڌيڪ ٽيندي آهي.

شهري علاقن ۾ ان جي شرح گهٽ رهندي آهي. جيڪڏهن ڪراچيءَ مٽان باهرين آبادي۽ جي واڌ جو دليل مڃجي، تڏهن به اُهي گهٽو ڪري ملير، اولهه ۽ ڪياماڙيءَ وارن علاقن ۾ ٽي رهي هوندي. سينٽرل ۽ اوپر جا ضلعا هڪ مخصوص گروهه جا سياسي ڳڙهه آهن، جتي باهرين علاقن جا ماڻهو رهائش يا روزگار لاءِ ورلي ڪو ايندا هوندا. انهن ضلعن ۾ آبادي جي هٽرادو واڌ ڊيڪارڻ ضروري آهي، جو ان لساني گروهه جو ڪراچيءَ جي آبادي۽ ۾ حصو لڳاتار گهٽجي رهيو آهي ۽ نفسياتي توڙي سياسي لحاظ کان ان گروهه کي نقصان پهچي رهيو هو، تنهن ڪري شهر اندر سندس هولي ڳالهائيندڙن جي لڳاتار ڪرندڙ شرح کي انگن جون هٽراڏو ٽُوٽيون ڊيڻ جي ضرورت هُئي.

هن پيري ڪراچيءَ جي انگن اکرن کي هٽراڏو طور وڌائڻ جو ٻيو نتيجو اهو نڪتو جو 1998ع ۽ 2017ع ۾ ڪراچيءَ جي آبادي سنڌ صوبي جي ڪُل آبادي جو 33 سيڪڙو هُئي، اها وڌائي 37 سيڪڙو ڪئي وئي آهي.

ان جي پٺيان به سياسي مفاد آهن، جن کي سنڌ حڪومت جاڻي ٻُجهي هٽي ڏئي رهي آهي. قانوني طور هر سرڪاري عملدار کي پنهنجي علاقتي جي آدم ڳڻپ جي انگن واري رپورٽ تي صحيحون ڪرڻيون هوندين آهن. سنڌ سرڪار کي ڪُهرجي ته، سمورين ڊويزنن جي ڪمشنرز پاران صحيحون ڪيل انگن واريون رپورٽون عوام اڳيان آڻي ته.

جيئن خبر پئجي سگهي ته، ڪهڙا عملدار انهن ڪوڙين تبديلين ڪيل رپورٽن جا ذميوار آهن. ٻي اهم ڳالهه ته، آدم ڳڻپ جي وڌايل انگن جي آڌار انهن ضلعن ۾ اسيمبلين جون سيٽون وڌنديون، جنهن جو فائدو به ان ٽي لساني تنظيم کي ملندي نظر ٽو اڇي. انڪري اهو سمورو ٽڪسات ڪيو ويو.

پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اسٽيبلشمينٽ جي حُڪم جي بجاآوريءَ ۾ پنهنجي اتحادين کي خُوش ڪرڻ لاءِ اهي جڙتوانگ اکر قبول ڪري سنڌ واسين سان هڪ وڏي ويساهه گهاتي ڪئي آهي. ان انياءِ جا اثر ايندڙ وقت ۾ وڌيڪ ڇٽا ٿيندا. جيستائين ان معاملي تي سياسي ردعمل جو تعلق آهي ته، سنڌ جون به وڏيون قومپرست ڏُريون هاڻي ان اليڪشني اتحاد ۾ ويٺيون آهن، جتي ان آدم ڳڻپ جو لاپ ماڻيندڙ ڏُر به ويٺي آهي. ڏسڻو اهو آهي ته، ڇا قومپرست ڏُريون ۽ اهو اتحاد آدم ڳڻپ بابت سنڌ واسين جي نمائندگي ڪري سگهندا؟

سرهاڙي ٽرين حادثو، ريلوي ڪاتي جي نااهلي ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

صاحب خان پٺي

انگريز دور ۾ سنڌ اندر ريلوي جو جال وڇايو ويو، جيڪو اڄ ڈينهن تائين سنڌ ۾ هلي رهيو آهي، ان دور جيڪي پليون ٺهيون اڄ به قائم ۽ دائم آهن، ان ۾ ڪا به تبديلي نه آئي آهي، سڪر جي پل هجي يا روري ڪوٽڙي بئراج واري پل اڄ ڈينهن تائين مضبوط بيٺيون آهن، اتان ٽرينن جي آمد رفت به هلندي رهي ٿي، پر افسوس جڏهن کان پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ، سنڌ اندر اهڙا ڪم ناهن ڪرايا ويا، جيڪي پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ٿيا هٿا، هاڻ ته روڊ مڪمل ٺهي ٿي نه ٽوٽن حالي جو شڪار ٿي رهي ٿو، پلن جو به اهوئي حشر آهي، مطلب ته انهن ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪيو ويندو آهي.

انگريز دور جون ٻڌايل پٽڑيون اڄ به ملڪ اندر هلي رهيون آهن، رڳو پٽراڇلائي پٽڑين کي مٽي ڪيو ويندو آهي پر حقيقت اها ئي آهي ته ريل پٽڑين جي صحيح سار سنڀال نه ٿيڻ ڪري ريل پٽڑين جا نٽ بلٽ ٿي نڪري گر ٿي وڃن ٿا پر انهن کي ٻيهر لڳائڻ واري ڪير به نه هوندو آهي، جنهن سبب جاني ۽ مالي نقصان جو خدشو برقرار رهندو آهي.

گذريل ٻوڏ دوران سنڌ اندر وڏو نقصان ٿيو، جنهن سبب ٽرينن کي به بند ڪيو ويو هو، جنهن سبب سنڌ جي ماڻهن کي سفري سهولت ملي نه سگهي، اڄ به لاڙڪاڻي ۽ دادو جا رهواسي ٽرينن جي سفري سهولت گهري رهيا آهن ته حيدن کين سستي سفري سهولت ملي سگهي، هاڻ ريلوي واري وزير خواجا سعد رفيق موهن جو دڙو ايڪسپريس ۽ ٻيون ٽرينون هلائڻ جو اعلان ڪيو آهي، جنهن سان مقامي ماڻهن کي تمام گهڻو فائدو ٿيندو، هونئن ته رڳو پنجاب ۽ ڪي پي ڪي وارن کي ريل گاڏي جي سهولت ملي آهي باقي جتان جتان ٽرين گذري ٿي، انهن ماڻهن کي فائدو ٿيندو آهي، پرهڻ ڪانپوءِ، ٽرينن جي بندش سبب سنڌ جي ماڻهن کي ذڪيائين کي منهن ڏيڻو پيو هو.

ڏٺو وڃي ته اها هڪ حقيقت آهي ته ملڪ اندر جيستائين ڪو وڏو جاني نقصان نه ٿيندو آهي، حڪومت ڪنهن به ريلوي حادثي جي درست نمبر ڏيڻ جي تڪليف نه ٿي ڪري، ان جو مطلب اهو ته آهي ته عوام جي حياتين سان کيڏيو وڃي، ريلوي ڪاتي جي انتظاميا کي ڪهڙي ها ته اڄ ريل پٽڑين جي درست نمبر ڏيڻ ۽ پل، ريل گاڏين کي ٽريڪ تي آندو وڃي ته جيئن غريب ماڻهن جون حياتيون بچي سگهن. جيڪڏهن هن وقت به ريلوي ڪاتي ريل جي پٽڑين جي صحيح نمبر ڏيڻ ته ڏور جي ڳالهه آهي، ڪنهن کي به ڪا خبر ئي نه هوندي ته ڪهڙي ريل ڪٿي بيٺل آهي، ڪهڙي ريل ڪٿي ٽڪرائجي پوندي، ڇو ته ريلوي ڪاتي جي ڪوتاهين ڪري ئي ريل گاڏيون هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿيون، جيڪڏهن ريلوي ڪاتي جي ڪوتاهين ڪري ريل گاڏيون هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿيون، ته ان ۾ ريلوي ڪاتي جي ڪوتاهي ڪيئن نه ٿي چئجي؟

ريلوي واري وفاقي وزير جو چوڻ آهي ته هزارا ايڪسپريس حادثا گهٽ وسيلن جو ڪارڻ آهي، حادثي جي جاچ ڪري رهيا آهن، سبب جو تعين ڪيو ويندو، هاڻ ڪارڻ ڪهڙو به ٻڌايو وڃي پر هڪ ڳالهه سڀني جي سامهون آهي ته ريلوي نظام انگريزن جي دور جو آهي، ملڪ کي 75 سال گذري ويا آهن، اڄ ڈينهن ته ٽائين ريلوي ٽريڪ ناهي وڇايل وئي، جيڪا پاڪستان کان اڳ ٽريڪ وڇايل آهي، اها ئي هلي رهي آهي، بس ان جي مرمت ڪرائي ويندي رهي آهي، حڪمران هر اداري ته خرچ ڪري رهيا آهن پر ريلوي جي نظام جي بهتري لاءِ ڪي به قدم ڪٿندي نظر نه پيا اچن.

جيڪڏهن ڏوڪو ڏجي ته ريلوي نظام سان ملڪ کي تمام گهڻو فائدو ٿي سگهي ٿو ۽ ريلوي ڪاتو ملڪ کي ڪمائي ڏيندڙ ڪاتو ٿي سگهي ٿو پر ان ته حڪمرانن کي اڃ ۾ خرچ ڪرڻو پوندو، جيستائين ريلوي نظام کي اپگريڊ نه ڪيو ويندو، نئون ٽريڪ نه وڇايو ويندو، تيستائين هي ڪاتو ائين ئي هلندو رهندو، جيڪو به حڪمران آيو، اهو ئي چوندو ته ريلوي ڪاتو خساري ۾ وڃي رهيو آهي، پر حقيقت اها ئي آهي ته حڪمران ريلوي ڪاتي کي هلائڻ لاءِ، سنجيده نه هن. جنهن سبب اهو ادارو ڏينهون ڏينهن پوئتي وڃي رهيو آهي، ريل گاڏين سان عوام کي سستي سفري سهولت ملندي آهي ۽ وڏي مقدار ۾ سامان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ٿو ڪري سگهجي ٿو، جنهن ته گهٽ لاڳت ۾ اڄي سگهي ٿي ۽ روڊن تي هلندڙ ڳرن ٽرالرن کان ڇٽڪارو به ملي ويندو.

وفاقي حڪومت جي اها ذميواري آهي ته عوام کي سستي سفري سهولت فراهم ڪري، ٻين ملڪن ۾ به عوام وڏ کان وڏ ترين جوسفري ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته اها هڪ سستي سواري آهي. باقي ٽرانسپورٽرز جا هٽ ٽڪرا پاڙا عوام جي ڇيلهه ڇيي ڪري ڇڏيندا آهن، عيد ڏاڙو هجي يا ڪو خوشي جو موقعو ٽرانسپورٽر گاڏين جا پاڙا وڌائي ڇڏيندا آهن ۽ حڪومت به انهن جو ڪجهه ٻگاڙي ته سگهندي آهي. هو ٻنهي هٿن سان عوام کي ڦريندا رهندا آهن.

بهرحال وفاقي حڪومت کي وڃڻ ۾ ڪجهه وقت ٻچيو آهي، ان کان اڳ ٽي ٽرين سروس کي اپگريڊ ڪرڻ جراعلان ڪري ٿي جيئن ماڻهو محفوظ ۽ سستي سفري سهولت کان مهروم نه ٿي سگهن. هونئن به سنڌ ۾ آيل نازين برسات ۽ بوڙ ڪانپوءِ ريلوي ٽريڪ ناڪارا بڻجي ويو آهي، جنهن جي نئين سر مرمت ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن ڪانپوءِ سنڌ اندر ريلوي ٽريڪ محفوظ بڻجي سگهندي ۽ ڪو حادثو نه ٿي سگهندو ۽ ماڻهو محفوظ سفر ڪري سگهندا. وفاقي حڪومت کي فوري طور سنڌ اندر ريلوي ٽريڪ جو ٽئون چار وڇائڻ گهرجي. جنهن سان ريلوي ڪاتي کي به فائدو ٽيندو ۽ عوام جاني ۽مالي نقصان کان به بچي سگهندو. نه ته زنگيل ٽرين جون پٽريون ۽ ٽٻ بلٽ نڪتل ريلوي ڪاتي جي نااهلي ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

پَتنگن پَرُ ڪيو، مِڙيا مٽي مَجِّ:
پَسِي لَهسَ نہ لِڇيا، سَڙيا مَٽي سَجِّ:
سندا ڪِچين گَجِّ، ويچارن وڃائِيا.

بقايا 01 ***
آءِ اي ڪيس عمران خان خلاف توشه خانه ڪيس جي ٻڌڻي ڪندڙ جج همايون دلاور جي سوشل ميڊيا پوسٽ بابت جاچ لاءِ ڪهڙيءَ طريقيءَ جي ڪميٽي ٺاهي آهي، اڃا ڪو به نالو فائنل ناهي ٿيو. پي ٽي آءِ چيئرمين ملڪي سياست کي پوائنٽ آف نو ريٽرن تي پهچائي چڪو هو، جنهن کي ڪنهن به اعتبار نه هجي، ان کي ڪهڙي سياست ڪرٽي آهي؟ هائي يا ته پي ٽي آءِ چيئرمين نه ٽي سگهيو، ويتر عوام جو اعتبار ئي نه رهيو آهي. هن وقت ڪنڊڪوٽ ضلعي جي مختلف علاقن مان اغوا ٿيل ويل 30 کان وڌيڪ ماڻهو ذاڑيلن جي قيد ۾ آهن، جن ۾ معصوم ٻارڙا جئديپ، آديش ڪمار ۽ فرحان سومرو به شامل آهن. خبرن موجب، ذاڑيل اغوا جي وارداتن بعد وارثن کان ڪروڙين روپيا پينگ طلب ڪن ٿا، جڏهن ته پوليس مغوين جي بازيابي لاءِ آپريشن جا ڪوڙا دراما رچائي ٽياڪڙي ڪري پيسن عيوض ماڻهن کي بازياب ڪرائڻ ۾ مصروف آهي. ضلعي ۾ اغوا جي وڌندڙ وارداتن ۽ مغوي بازياب نه ٽيڻ تي شهرين ۽ هندو برادري پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. بدامنيءَ خلاف احتجاجن جو سلسلو هين شهرن ۾ به شروع ٿي چڪو آهي.

بقايا 02 ***
جو انتظاح ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري جيو ته هو صحت جا اهڙا ادارا ناهن جاهين ٿا ته جيئن ماڻهن کي عالمي معيار جون سهولتون مفت ملي سگهن، هو سنڌ جي وڏن شهرن ۾ هارن جون اسپتالون ناهڻ چاهين ٿا، هن جيڏ ته هو سنڌ جي هر ضلعي ۾ ايس آءِ يو ۽ ٽي ڪمپليڪس ناهڻ چاهين ٿا، هو ڊاڪٽر اديب رضوي جي مٿن ڪي سچي پاڪستان ۾ پڪيڙ چاهين ٿا، بلاول پٽو ڇيڙ ته سياسي ڪارڪن ڪي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته جونڊن ڪان ڪڍڻ ۾ نه ڏجندا آهيون، پ پ جا ڪارڪن هر وقت جونڊن لاءِ تيار آهن، هن وڌيڪ ڇيڙ ته ڪئي ته اڄ ڪي پي ڪي جي ڪارڪن به نه ڏجندا آهيون، ڪڏهن ڪڏهن به نه ڏجندا آهيون، پ پ جا ڪارڪن هر وقت جونڊن لاءِ تيار آهن هن وقت

بقايا سنڌيار 01

تي پهتي آن موقعي تي ميڊياسان گالهائيندي سنڌ صحافي اتحادجي اڳواڻ يونس راجپر چيو ته اصغر ڪنڊ هڪ بهادر صحافي هوجنهن کي سچ لکڻ تي سري عام گولي هڻي قتل ڪيو ڪجهه سال اڳ سندس پاڻ مشتاق ڪنڊ کي به سچ لکڻ تي قتل ڪيو هو فورن شهيد اصغر جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ورن سنڌ صحافي اتحاد سموري سنڌ ۾ احتجاج جو سڏ ڏيندي آن موقعي تي نيشنل پريس ڪل جي صدر ايم ظفرڪنڊ چيو ته صحافي اصغرڪنڊ پنهنجي پاڻ جي قتل کان پوءِ اعلان ڪيو هو ت اسان دشمن سان قانوني جنگ وڙهندا سين چوته صحافي مظلومن جو سهارو هوندو آسان قلم ڪٽندا سين هنن مسڪين ماروئڙن جو آواز بنجندا سين پر سندن دشمن کي سياسي ۽ پوليس جي ٽيڪ آهي جو اڄ وري آن ٽي شهر احمد پور جو ٻيو صحافي آنهن ٽي ظالمن هٿان شهيد ٿي ويو ڪالهه ڪان وٺي پوليس ڪوڪ پچي ٻيٽو نه ڪيو پراسان جا وڏا صحافي تنظيمن جا اڳواڻ مها بليڪ ميلر به چپ آهن جيڪي سالياڻو ڪروڙين روپيا حڪومت کان صحافين جي تحفظ لاءِ وٺي هڙپ ڪري وڃن ٿاهي نام نهاد ۽ چپ آهن افسوس اهڙن پتاخور تنظيمن جي اڳواڻن تي جيڪي قتل تي به احتجاج نه ٿا ڪن اسان آءٌ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته فورن شهيد اصغر ڪنڊ جا قاتل گرفتا ڪري سنڌ جي صحافين کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ اسان انهن خلاف به تحرڪ هلائڻ تي مجبور ٿيون ان موقعي تي فدا حسن مري خادم سيل عتيق وسطڙو فهد ميمڻ جبارو ڳڻ اعجاز تڪر ۽ ضمير حسين لنڍ مطابو ڪيو ته فورن اصغر ڪنڊ جا قاتل گرفتارن ٽيا ت سخت احتجاج ڪندا سين ان جا زميوار انتظاميا هوندي

بقايا سنڌيار 02

هڪ جوابدار جي ڳولا جاري آهي؛ انهيءَ موقعي تي ايس ايڇ او ڳاڙهو ۽ ڊي ايس پي ڳاڙهو ميڊيا سان گالهائيندي چيو ته ڏاڏا ميمڻ کي قتل ڪندڙ وحشي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي وڌيڪ هڪ جوابدار ۽ واردات ۾ استعمال ٿيندڙ رائيفل ۽ ٻين هٿيارن جي ڳولا جاري آهي جلد ان روپوش جوابدار کي گرفتار ڪري ڪيس قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو؛ جڏهن ته پوليس جي اهڙي ناڪامي کان پوءِ ڏاڏا ڪارروائي ڪرڻ ته پوليس جي ميمڻ جا قاتل گرفتار ڪرڻ ته پوليس جي ڪارڪردگي ڪي ساراهيو ٻيو وڃي؛ ٻڌي پاسي ڏريعن ڪان معلوم ٿيو آهي ته پوليس ڪاب ڪارروائي وغيره ناهي ڪئي قتل واري ڏينهن ليڊيز پوليس جي ڪارروائي دوران جوابدارن جي عورتن کي پوليس گرفتار ڪري ورتو هو جن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جوابدارن پاڻ مرادو پاڻ کي پوليس جي حوالي ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 03

رهن ٿا جنهن سبب ننڍن وڏن شهرن ۾ منشيات چرس، آفيم هيروئن وسڪي ڪڇو شراب آڪڙا پرچي، جوا، سٽيه ۽ مين پڙي جو خام مال آندو ويندو آهي موٽر سائيڪلن تي هر روز لکن جي تعداد ۾ مين پڙي سپلائي ٿيڻ لڳي آهي جنهن ۾ مضر صحت متيريل استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪا تيزي سان انساني زندگيون گڙڪائي رهي آهي اهم ڏريعن موجب منشيات جو گڙهه سمجهيو ويندڙ ٽنڈو غلام حيدر شهر ۾ ڪڇو شراب ٽرو چرس، آفيم، سٽيه، هيروئن مين پڙي جواڻ تيار ٽيل سمورو سامان به پوليس جي سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي منشيات فروش جيڪي هن وقت پوليس جي آشيرواد سان منشيات فروشي جو ڪڏو ڪاروبار ڪري رهيا آهن ، مليل جاڻ موجب ٽنڈو غلام حيدر پوليس جنهن کي چاهي منشيات بند ڪرائي هن عالمڪي جي اڇي ڪاري جي مالڪ ٻڌيل آهي چاڪاڻ ته منشيات فروشن جو پوليس سان هٽ جوڙ سلي نمونيءَ آهي،پوليس ڪيبينن هلاڻ وارن ۽ مظلومن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ته هر وقت تيار آهي تعلقہ پوليس جي اهڙي ڪهڙي مجبوري آهي جيڪا سموري شهرن ۾ منشيات فروشن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ کان لنواڻي رهي آهي جيڪا حقيقت هرڪو سمجهي ٿو ٽنڈو غلام حيدر پوليس آئي جي سنڌ جي واضع حڪمن جي خلاف ورزي ڪري رهي آهي ساڃاه وڌن جو چوڻ آهي ته آئي جي سنڌ پاران جوڙيل ٽاسڪ فورس جي ٽير ميڊم علينا راڄپر ايس پي ٽنڊو محمد خان پاڻمرادو نوٽيس وٺي منشيات جو گڙهه سمجهيو ويندڙ شهر ٽنڈو غلام حيدر مان منشيات فروشن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي ۽ هنن منشيات فروشن کي تحفظ ڏينڊ هتي جي ملوٽ ڪارين روڊن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين ڏيوٽي تان برطرف ڪيو وڃي....

بقايا سنڌيار 04

انگريز دور ۾ ٺهيل ايريگيشن بنگلي ۽ رهائشي عمارتن جي سار سنڀال لهڻ ٻڌاءِ ايريگيشن عملدارن مبينا ملي پڇت سان قديمي عمارتون ڏاهي پٽ ڪري ڪروڙين رپين جو لوهه وڪوڪرڻ جو انڪشاف ٽيو آهي، هوڏانهن ايريگيشن عملدار نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته ايريگيشن عملدارن قديمي عمارتن کي ڏاهي پٽ ڪري انهن جي سرن مان ڏاهڻ وڏي مقدار ۾ چرس، هيروئن آفيم، سٽيه ۽ مين پڙي جو خام مال آندو ويندو آهي موٽر سائيڪلن تي هر روز لکن جي تعداد ۾ مين پڙي سپلائي ٿيڻ لڳي آهي جنهن ۾ مضر صحت متيريل استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪا تيزي سان انساني زندگيون گڙڪائي رهي آهي اهم ڏريعن موجب منشيات جو گڙهه سمجهيو ويندڙ ٽنڈو غلام حيدر شهر ۾ ڪڇو شراب ٽرو چرس، آفيم، سٽيه، هيروئن مين پڙي جواڻ تيار ٽيل سمورو سامان به پوليس جي سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي منشيات فروش جيڪي هن وقت پوليس جي آشيرواد سان منشيات فروشي جو ڪڏو ڪاروبار ڪري رهيا آهن ، مليل جاڻ موجب ٽنڈو غلام حيدر پوليس جنهن کي چاهي منشيات بند ڪرائي هن عالمڪي جي اڇي ڪاري جي مالڪ ٻڌيل آهي چاڪاڻ ته منشيات فروشن جو پوليس سان هٽ جوڙ سلي نمونيءَ آهي،پوليس ڪيبينن هلاڻ وارن ۽ مظلومن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ته هر وقت تيار آهي تعلقہ پوليس جي اهڙي ڪهڙي مجبوري آهي جيڪا سموري شهرن ۾ منشيات فروشن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ کان لنواڻي رهي آهي جيڪا حقيقت هرڪو سمجهي ٿو ٽنڈو غلام حيدر پوليس آئي جي سنڌ جي واضع حڪمن جي خلاف ورزي ڪري رهي آهي ساڃاه وڌن جو چوڻ آهي ته آئي جي سنڌ پاران جوڙيل ٽاسڪ فورس جي ٽير ميڊم علينا راڄپر ايس پي ٽنڊو محمد خان پاڻمرادو نوٽيس وٺي منشيات جو گڙهه سمجهيو ويندڙ شهر ٽنڈو غلام حيدر مان منشيات فروشن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي ۽ هنن منشيات فروشن کي تحفظ ڏينڊ هتي جي ملوٽ ڪارين روڊن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ڪين ڏيوٽي تان برطرف ڪيو وڃي....

بقايا سنڌيار 05

ڪئي، گڏجاڻي ڪي خطاب ڪندي محمد ابراهيم جوڪيو ۽ ٻين چيو ته لٽ سيمنٽ فيڪٽري ۽ سندن ڳوٺ محمد سومار جڳهه پرسان لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ۽ اسپتال قائم ڪئي ويئي آهي، جنهن جو ڪم آخري مرحلي ۾ آهي، جنهن مان علاقي واسين کي صحت ۽ تعليم جون بهتر سهولتون ميسر ٿينديون. هن گهر ڪئي ته لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڪئمپس ۽ مقامي ماڻهن کي روزگار مهيا ڪرڻ سميت ڳوٺ محمد سومار جوڪيو ۾ هاءِ اسڪول، سوئي گئس ڊيڻ سان گڏ ڪڇي آبادين گي مالڪاڻ حق ڏيڻي، گجو ڪان درگاهه شاهه حسين تائين نهندڙ لنڪ روڊ 2 مهينن اندر ڍڪ شروع ٿي ويو آهي، جنهن جي جانچ ڪرائي ٽيڪيدار خلاف ڪاروائي ڪري ٿنڊي ويل روڊ جي نئي سر تعمير ڪرائي رهواسين ۽ زائرين کي پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 06

جڏهن ته 6 آفيسرن ۽ اهلڪارن کي به معطل ڪيو ويو آهي. ريلوي ذريعن موجب ته فرضن ۾ غفلت ڪرڻ تي ايڪشن ورتو ويو آهي، اهي عملدار ۽ آفيسر حادثي جي جاچ مڪمل ٿيڻ تائين معطل رهندا. معطل ٿيندڙ عملدارن ۾ مشرف مجيد ايڪزيڪيوتو انجنيئر نواب شاهه، محمد عارف انسپيڪٽر شهدادپور، بشير احمد پاور ڪنٽرولر ڪوٽڙي ۽ PWI جا گينگ مين شامل آهن.

بقايا سنڌيار 07

، ان موقعي تي ڳوٺائن مسمات حاڪر زادي ، مسمات رائي ، مسمات امينہ ، نثار علي خاصخيلي ، راڄا خاصخيلي ، محمد شريف ، ساجد علي ۽ ٻين چيو ته ٻارن جي ڳالهه تان ڳوٽ ۾ جهيڙي سبب عبدالڪريم خاصخيلي ، عرس خاصخيلي ، يوسف خاصخيلي ، بڇايو خاصخيلي ، محرم خاصخيلي ۽ ٻين ڪهاڙين جا وار ڪري اسان جي تن مردن امتياز خاصخيلي، نظام الدين، شعبان خاصخيلي کي زخمي ڪري مرٽينگ ڪري چڏيو، جيڪي هن وقت حيدرآباد جي سول اسپتال ۾ زندگيءَ ۽ موت جي ڪشمش ۾ آهن ، جنهن جي خلاف اسان جي سيڪشن ٽائي ٽي 7 حملي آورن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي جنهن تي پوليس ڪاروائي ڪندي 2 چٽن عبدالڪريم ۽ عرس کي گرفتار ڪري ورتو پراڃان به 5 ڄڻا آزاد گهمي رهيا آهن جيڪي قتل تي به احتجاج نه ٿا ڪن اسان آءٌ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته فورن شهيد اصغر ڪنڊ جا قاتل گرفتار ڪري سنڌ جي صحافين کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ اسان انهن خلاف به تحرڪ هلائڻ تي مجبور ٿيون ان موقعي تي فدا حسن مري خادم سيل عتيق وسطڙو فهد ميمڻ جبارو ڳڻ اعجاز تڪر ۽ ضمير حسين لنڍ مطابو ڪيو ته فورن اصغر ڪنڊ جا قاتل گرفتارن ٽيا ت سخت احتجاج ڪندا سين ان جا زميوار انتظاميا هوندي

بقايا سنڌيار 08

ٽي ويو آهي. جنهن کي مالڪن پاران تعلقہ اسپتال ڏوڪري ۾ منتقل ڪيو ويو آهي جتي ڊاڪٽرن پاران سندس فوت ٽيڻ جي تصديق ڪئي وئي اهي، وارٽن پارڙي رضوان علي ابڙو جي فوت ٽيڻ جو پڊي ماءُ پيءُ ۽ ٻين وارٽن ۾ روح راڙو پٽجي ويو

بقايا سنڌيار 09

جي ٻائونڊري اندر جوڳا هلي رهي آهي، سرڪاري ڊسپوزل جي بجلي واري ٽرانسفارمر مان برائيوٽ لائين مين ڏريعي غيرقانوني بجلي جا ڪنيڪشن ڏئي في ماڻهون کان 5 هزار روپيه ماهوار منتلي وصول ڪري ڪريشن ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته جوڳا جي اڏي تي ايندڙ ويندڙ ماڻهن ۽ بجلي جي وڇايل تارن سبب رهواسي مختلف پريشانين جو شڪار آهن اسڪولي پارڙا بجلي جي تارن ۾ زخمي ٽيڻ معمول بڻيل آهي ، هنن مطالبو ڪيو ته ميونسپل بلڊنگ ۾ هلندڙ ملازم مظهر قلهوڙو خلاف نوٽيس وٺي ڪيس فل فور معطل ڪيو وڃي ، ڊسپوزل جي ٽرانسفارمر مان غيرقانوني بجلي چوري بند ڪرائي وڃي ۽ جوڳا جا اڏا بند ڪرايا وڃن ، ٻي صورت احتجاجي جي تحريڪ ڪي وسيع ڪري ميونسپل آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو...

بقايا سنڌيار 10

الهيار رند، نبي بخش اڇڻ ۽ ٻين صحافي توڙي سول سوسائٽي جي ماڻهن جي اڳواڻي ۽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙن ميڊيا سان گالهائيندي چيو ته خيرپور اندر روزانو صحافين تي تشد ۽ قتل جا واقعا وڌي رهيا آهن، خيرپور پوليس صحافين کي تحفظ ڏيڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي چڪي آهي ، گذريل ڏينهن احمدپور جي سينئر صحافي اصغر ڪنڊ کي بيدردي سان قتل ڪيو آهي ، احمدپور پوليس هن وقت تائين شهيد صحافي جا قاتل گرفتار ناهي ڪري سگهي، هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن صحافي جا قاتل گرفتار نه ٽيا ته ايس ايس پي خيرپور، ڊي آءٌ سکر، آءٌ جي سنڌ ۽ وزير اعلي سنڌ جي آفيس اڇيان سخت احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو ،

بقايا سنڌيار 11

لاڙي وتان چيڪنگ دوران جوابدار ڪفيل لاشاري جيڪو ويندل گوٺ بيدي لاشاري جو آهي جن کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس ٻڌايو ته گرفتار جوابدار تي مختلف ٽائٽن ڪيس داخل ٽيل هٽا،پوليس ٻڌايو ته گرفتار جوابدار کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 12

بل 2023ع جي منظوري سڻو قدم آهي. جڏهن قرآن پاڪ صحابہ ۽ اهل بيت کي مثال قرار ڏنو ته پوءِ انهن جي توهين کي روڪڻ لاءِ قانون سازي چونہ ڪئي وڃي. انبياء السلام جي گستاخيءِ جي سزا صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت جي توهين ڪرڻ ڌاري جي سزا برابر آهي. توهين رسالت جي سزا ان ڪري وڌائي پئي وڃي ته جيئن اهڙن واقعن کي روڪي سگهجي. مان بل جي حمايت ڪريان ٿو ۽ هي بل پيش ڪرڻ وارن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو هنن چيو ته هي بل ان وقت تائين مڪمل نه ٽيندو جيستائين توهين ڪندڙن کي سزا نه ملندي. انشاء الله. هن بل سان هر آهنگي ٽيندي، اڄ ته سوشل ميڊيا تي اصحاب سگهرن جي بي حرمتي ڪئي پئي وڃي، سوشل ميڊيا تي جيڪا توهين ڪئي پئي وڃي، ان کي بيان نه ٿو ڪري سگهجي، ان بل جي اڪثريت راءِ سان منظوري تي سنيٽ جي ميمبرن. عالمن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ موجوده حڪومت سميت مسلمان حڪمرانن کان مطالبو ڪيو ته اصحابن سگهرن جي توهين ۽ توهين واري عمل ۽ ملوٽ عنصرن خلاف پرپور ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 13

سامان ڊيڊ تولو سون، موٽرسائيڪل سولر پليٽ، بيٽري ۽ بيو قيمتي سامان ڪٽي ويا. پوليس ڪڇي پچي ٻيٽو نه ڪيو غريب مسڪين آهيون گهر ۾ ڪمائڻ وارو مان هي هڪ فرد آهيان چورن گهر کي ڪات هٽي داخل ٿي ڪري سمورو سامان ڪٽي ويا آهن پوليس کي اطلاع ڏنو آهي پر پوليس واقعي جي اين سي داخل ڪرائي آهي چوري واقعي جي اطلاع بعد ايس ايڇ او ڪينٽ نظير احمد ڪهر چوري واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل معلوم ڪيا ان موقعي تي هن ميڊيا کي ٻڌايو ته چوري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني آهي هن چيو ته پيراڻن جي مدد سان چورن جا پيرا ڪٽي رهيا آهيون جلد چوري ۽ ملوٽ چورن تائين پهچي ڪين گرفتار ڪيو ويندو هوڏانهن ايس ڊي او ايريگيشن بلاول بليدي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته قديمي هڪ عمارت جو لوهه موجود آهي جڏهن ته قديمي بنگلي جو لوهه ڪافي وقت اڳ چوري ٿي چڪو آهي، هن چيو ته برسات ۾ عمارتون ڊهيڻ ٽي ويون جنهن جي سرن مان رستو ناهيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 14

جي مليل ماهوار قسط جي بجيٽ 35 سيڪڙو وڌائي 1 ڪروڙ 61 لک روپيا ملڻ باوجود به تائين ڪاميٽي جي 235 ملازمن کي سنڌ حڪومت پاران بجيٽ ۾ وڌايل 35 سيڪڙو پگهارون نه ڏنيون آهن. تائون ڪاميٽي جي سيني ملازمن کي بجيٽ ۾ وڌايل رقم بدران پراڻا پگهار جاري ڪيا ويا آهن. ملازمن موجب اڳ تائون آفيسر پگهارن ۾ ڪٽوتي ڪندا هٽا هن چونديل چيئرمين سنڌ حڪومت طرفان وڌايل پگهارن جي رقم نه ڏني.

بقايا سنڌيار 15

قاضي جي عدالت خيرپور جي ڪچي جي ٽائي برادي جتوئي جي هڪ ڪيس دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل ٽيل ڪيس ۾ جوابدار جاٽائيل تعلقو ڳڙهي ياسين جي هروج ڳوٺ جي رهواسي جتوئي برادري جي شير ولد ملهار، صويل ولد پريل، شهمير ولد مير محمد. علي شير ولد در محمد ۽ دلبر ولد قلب علي جتوئي جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪندي ڊي آءٌ جي سکر کي ليٽر جاري ڪري حڪر ڏنو آهي ته جوابدارن کي گرفتار ڪرائي عدالت ۾ پيش ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 16

دوران موبائيل ڦُرن،ڏڪا ڏئي بدتميزي ڪري ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندڙ ايس ايڇ او قادر بخش بهراڻي خلاف ڪاروائي ڪري ضلعي بدر نه ڪرڻ خلاف صحافين ۽ سول سوسائٽي پاران پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيں صحافين اشوڪ شرما،ڪرشن سنگ،مبارڪ بجير،اسماعيل بجير،سڌير راڻوڙ،غازي بجير،صدام بجير،پرڪاش،سجاول بجير،سجاول،مهيش مهراڄ ۽ ٻين احتجاج ڪندي سخت تعريبازي ڪئي،قلم ڏٽين احتجاج ڪندي چيو آهي ته صحافي ۽ سول سوسائٽي هفتي کان ايس ايڇ او خلاف سراپا احتجاج بڻجي روڊن تي احتجاج ڪري رهيا آهن پر ايس ايڇ او خلاف ڪاروائي نٿي ڪئي وڃي،ٽر جا چونڊيل نمائيندہ جهموري حڪومت جي دعويٰ ته ڪن ٿا پر هنن کي صحافين سان ٽيل هيڊي ساري زباتي نظر نٿي اچي،شايد ايس ايڇ او هنن کان طاقتور بڻيل آهي جنهن سبب اهي خاموش تماشائي بڻيل آهن.جهموري حڪومت ۾ به ٽر پوليس اسٽيٽس بڻيل آهي جتي قلم ڏٽي محفوظ نه آهي ته عام ماڻهوجو ڇا حشر هوندو،بلاول پٽو زرداري ماملي جو نوٽيس وٺي،صوبائي وزير جي هدايتن جي باوجود ايس ايڇ او قادر بخش بهراڻي خلاف نه انڪوائري مڪمل ٿي نه وري ايس ايڇ او کي ضلعي بدر ڪيو ويو آهي،اختياريون ايس ايڇ او کي بچائن مصروف آهن.ايس ايڇ او کي معطل ڪري جيستائين ضلعي بدر نٿو ڪيو وڃي تيستائين احتجاج ختم نه ڪبو ضرورت پوڻ تي شٽرينڊ هڙتال جو سڏ ڏيڻ سميت احتجاج سنڌ سطح تائين وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 17

پمپن مان اڌ ڪان وڌيڪ پمپن تي ايراني تيل جو ڪرو جاري آهي ۽ ڪيترن پيٽرول پمپن تي گهٽ ماپ ۾ تيل پڻ وڪرو ڪيو ٿو وڃي. پيٽرول پمپ مالڪن طرفان رشوت ملڻ ڪري تيل جي ماپ ۾ ڪوالٽي چيڪ ڪندڙ ادارن جا عملدار سالن تائين پمپن جي چيڪنگ ڪرڻ لاءِ اچن ٿيا جنهن ڪري پيٽرول پمپ مالڪ مرضي تيل جا ميٽر گهٽ ماپ تي ميٽر سيٽ ڪري گهٽ ماپ ۽ لو ڪوالٽي وارو تيل وڪرو ڪري رهيا جنهن ڪري هنن کان ڪيرہ ٻچا ڪرڻ وارو ناهي. هوڏانهن ڊپٽي ڪمشنر پاران ننڍن بس اسٽاپن ۽ روڊن تي ڊيزل وڪرو ڪندڙ ايجنسين تي پيٽرول پڻ وڪرو ڪيو ٻيو وڃي. گاڏين جي مالڪن۽ ڊرائيورن کاوش کي پڌايو ته بدبن ايراني تيل وڪرو ڪندڙ واپاري موجود آهن جيڪي سرڪاري ريٽ جي پيٽ ۾ اڌ رقم ۾ پيٽرول پمپ مالڪن کي تيل وڪرو ڪن ٿا جيڪو گاڏين ۾ استعمال ڪرڻ سان ڪاڻين جون انجڻيون جلد خراب ٿي وڃن ٿيون ۽ايراني تيل ۾ گاڏين ۾ مفاصلو ٽئي ڪرڻ جو ايوبريڪ به گهٽجي وڃي ٿو. هنن چيو ته مختلف اعلي آفيسرن کي آسان پيٽرول پمپ مالڪن خلاف شڪايتون ڪيون آهن پر انهن خلاف ڪو به قانوني قدم نٿو کنيو وڃي.

بقايا سنڌيار 18

زرداري پاران ضلعي جي ساحلي پٽي جي شهر ڪيٽي بندر ۾ گذريل ورهن (20) کان بند بجلي جي فراهمي بحال ڪرائي چڪي حاجي علي حسن زرداري جي حڪم تي اڪ ڪروڙ پنجهتر لکن جي لاڳت سان ڪيٽي بندر شهر ڪي بجلي جي فراهمي ممڪن بڻائي وٽي ڪيٽي بندر شهر جي رهواسين ۽ خوشي جي لهر چانهيل بجلي جي فراهمي جو ڪم پندرنهن ڏينهن ۾ مڪمل ڪيو ويو جڏهن ته سورنهن ڪلو ميٽر جي فاصلي تان 200 پول لڳائي شهر جي بجلي جي فراهمي جو ڪم مڪمل ڪيو ويو جنهن جو افتتاح حاجي علي حسن زرداري پاران ڪيو ويو انهي موقعي تي پيپلز پارٽي جواڻ عاشق حسين زرداري ،ضلع ڪائونسل لٽي جو چيئرمن حميد پنهور،يونين ڪائونسل ڪيٽي بندر جو چيئرمن عبدالواحد ميمڻ،تائون ڪميٽي مڪلي جو چيئرمن پير سيد زين العابدين سميت پيپلز پارٽي جا مختلف آڳواڻن سميت حيسڪو واپدا جا آفيسرءِ ملازم موجود هٽا

بقايا سنڌيار 19

آزادي جي ڏاڙي ڪي نهايت جوش ۽ جذبي سان ملهايون. هن وڌيڪ چيو ته آزاد ي جو ڏاڙو پرپور جوش ۽ عقيدت سان ملهايو ويندوجنهن ۾ مڪ تقريب ڊي سي ڪامپليڪس جي احاطي ۾ قومي پرچم لهرائي سلامي پيش ڪري ڏاڙي جي مڙوعات ڪئي ويندي . ان موقعي تي هن مڙني لاڳاپيل ڪاتن جي عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته سرڪاري عمارتن تي قومي پرچم لهرائي کين چراغان ڪرڻ سان گڏ سبز پرچم جي جهنڊين سان سينگاريو وڃي. هن تائون ڪميٽي جي عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته شهر ۾ صفائي ستڪرائي جي صورتحال کي بهتر ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ جشن آزادي جي ڊينهن تي اسسٽنٽ ڪمشنر جي سربراهي ۾ تقريبات ضرور منعقد ڪرايون وڃن جنهن ۾ اسڪولن ۽ تقريري مقابلا، قومي گيت ۽ ٽيبلوز جا پروگرام پڻ رکيا وڃن . جنهن سان اسڪولي ٻارڙن ۾ آزادي ۽ غلامي جي فرق بابت شعور اجاگر ڪري حب الوطني جو جذبو پيدا ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته 14 آگسٽ جي مناسبت سان پنهنجي آفيسن اندر ٻوٽا پڻ لڳايا وڃن . اجلاس ۾ ٻدسٽرڪٽ مئنيجنگ آفيسر عبدالحليم لغاري ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نعيم احمد ميمڻ ، ڊي ايس پي محمد خان زنئور، چيف ميونسپل آفيسر اعجاز ملاح، تنهي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنر کان علاوہ اسڪول ، ڪاليجز جي پرنسپال، پرائيويٽ تعليمي ادارن جي سربراهن، ۽ ٻين لاڳاپيل ڪاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 20

رهيا آهن. بنا سبب تنگ ڪيو پيو وڃي، نٿون پنڊ ٽائي جي پوليس به اسان ڪي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهي آهي. جوابدار اسان کي شڪايتن تي سنگين نتيجا پوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، عورت اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 21

ڪري ڊرٽو هنيو، مظاهري ۾ شامل اڳواڻن سخت تعريبازي ڪندي چيو ته اسان پنهنجي جانين جي ٻي پرواه نه ڪندي مريضن جي خدمت ڪئي آهي. 2019ع ۾ حڪومت اسان کي مستقل بنيادن تي نوڪريون بحال ڪرڻ ۽ ٻيون مراعتون ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو پر بدقسمتي سان اهو واعدو وفا نه ڪيو ويو آهي. جيڪا سراسر ناانصافي آهي، هنن مطالبو ڪيو ته 2019ع ۾ اسان کي روزگار جي بحالي سميت ٻيا جائز حق ڏنا وڃن

بقايا سنڌيار 22

سندس پٽ گذريل 2 سالن کان ولي هڪ اهڙي بيماري ۾ ڪوڙجي بستري پيڏو ٿي ويو آهي جنهن تي هن وقت تائين لکين روپيا خرچ ڪري چڪو آهيان پر هاڻي وڌيڪ علاج جي مون ۾ سگهہ ناهي رهي، هن چيو ته لاڳاتي جي مختلف اسپتالن جي ڊاڪٽرز کيس چيو ته ڪراچي ڪنهي وڃ جو مشورو ڏنو آهي، هن چيو ته منهنجو پٽ هن وقت تائين سخت بيمار ٿي پيو آهي ۽ انکي گوڏن جي تڪليف سبب هڪ هنڌ بستري تي ٻيل آهي، هن چيو ته منهنجي خرچ ڪرڻ کان ٻاهر آهي، هن علاج ۾ رس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته اسانجي نوجوان ٻچڙي جي مدد ڪيو

بقايا سنڌيار 23

محمد شر استادن سان گڏ والدين جي به ڏمياري آهي ته ٻارن کي بهتر تعليم سان گڏ سجو سونهن ۽ تاريخ سان پريل آهي پر سنڌ حڪومت اتي کي به بنيادي سهولتون نه ڏئي سگهي آهي.هن چيو ته اسين ٽرين سان هر وقت گڏ آهيون حڪومت جي اهڙي فيصلي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته اهڙو فيصلو واپس ورتو وڃي.

بقايا سنڌيار 24

۽ ٻين ملازمن جي درخواست جي سنڌاڻ ڪورٽ سکر بڻنج جي جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي ڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بڻنچ ٻڌڻي ڪئي ويئي دوران درخواستگزارن جي وڪيل غلام مجتبي جڪڙ عدالت کي ٻڌايو ته 10 سال گذري ويا آهن ملازمت کي ميڊيڪل ڪاليج انتظاميہ کين پڪو ڪرڻ لاءِ ٽال مٽول ڪري رهيا آهن، قربان، ابراهيم ملاح قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، منهنجي مڙس حسين پنهور ۽ سندس دوستن مڙس ميمڻ، شهزاد ميمڻ، راشد پنهور تي منهنجي اغوا جا ڪوڙا ڪيس مختلف پوليس ٽائٽن سعدي موسائي، اي سيڪشن ڏاڏو سي آءِ اي تي داخل ڪيا آهن، جوڙي آءٌ جي سنڌ، ڊي آءٌ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ڏاڏو ڪان مطالبو ڪيو ته ڪوڙا ڪيس ختم ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

جي زخمين جي عيادت ڪئي ۽ صحت جي سهولتن بابت ڄاڻ ورتي ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ خان محمد زرداري چيو ته ٽرين جي المناڪ حادثي ۾ قيمتي انساني جانين ضايع هٿن تي تمام گهٽ ڏک پهتو آهي هن وڌيڪ چيو ته صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ اعجازعلي خان جي هدايتن تي اسپتال جو دورو ڪري زخمين جي عيادت ڪئي آهي ريجنل ڊائريڪٽر اسپتال انتظاميہ کي هدايت ڪئي ته ٽرين حادثي جي زخمين کي صحت جون هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وڃن ان موقعي تي چيئرمين آئي سي بي بو پروفيسر ڊاڪٽر محمد صالح خاصخيلي ۽ نيورو سرجن پروفيسر ڊاڪٽر شمس رضا بروهي پاران ٽرين حادثي جي زخمين کي ملندڙ صحت جي سهولتن بابت ريجنل ڊائريڪٽر کي آگاهي ڏني وئي

بقايا سنڌيار 26

صحيح ڪرائي ورتي آهي هائي ڏسٽو اهو آهي ته روزاڻ صبح کان شام تائين رائيڊنگ انروڙ لاٽبري اڇيان جيڪا تاش جي پتن واري راند ڪيڏي ويندي آهي اهو بند ٿيئي ته يا ته چوته لائبريري ۾ پڙهڻ لاءِ ايندڙ شاگردن جي لائبريري ۾ ڪتابن جي تعداد ۾ اضافو ٿيڻ گهرجي

بقايا سنڌيار 27

جي سيشن ڪورٽ ۾ نڪاح ڪيو آهي ناري رابعہ چيوته پيار پرٿي بعد مائٽ ڏشمن ٽي ويا آهن. منهنجي پيءُ ارباب منهنجي مڙس حسين پنهور کي 2 لک روپيا شادي ڪرڻ لاءِ ورتا هٽا، پوءِ لالچ ۾ اچي منهنجي شادي ٻڌي هنڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تان مان گهر چڏي پنهنجي مگينڊي سان نڪاح ڪيو آهي منهنجا مائٽ ارباب، قربان، ابراهيم ملاح قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، منهنجي مڙس حسين پنهور ۽ سندس دوستن مڙس ميمڻ، شهزاد ميمڻ، راشد پنهور تي منهنجي اغوا جا ڪوڙا ڪيس مختلف پوليس ٽائٽن سعدي مواسائي، اي سيڪشن ڏاڏو سي آءِ اي تي داخل ڪيا آهن، جوڙي آءٌ جي سنڌ، ڊي آءٌ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ڏاڏو ڪان مطالبو ڪيو ته ڪوڙا ڪيس ختم ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 28

جي موضي مرض دوران ماڻهن کي ويڪسين ڪرڻ لاءِ ڊيٿا انٽري آپريٽر، وائنٽيئرز ۽ نرسنگ اسٽوڊنٽس کي پرتي ڪيو ويو اسان اسڪولي ٻارڙن ۾ آزادي ۽ غلامي جي فرق بابت شعور اجاگر ڪري حب الوطني جو جذبو پيدا ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته 14 آگسٽ جي مناسبت سان پنهنجي آفيسن اندر ٻوٽا پڻ لڳايا وڃن . اجلاس ۾ ٻدسٽرڪٽ مئنيجنگ آفيسر عبدالحليم لغاري ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نعيم اح